# صوبائي اسيمبلي سنڌ

# نوٽيفڪيشن

## ڪراچي ٢٢ ڊسمبر ٢٠١٤

اک-جراحي (پابندي) سنڌ بل ٢٠١٤،جيڪو صوبائي اسيمبلي سنڌ طرفان ١٠ نومبر ٢٠١٤ تي پاس ڪيوويو ۽ گورنر سنڌ ١٨ ڊسمبر ٢٠١٤ تي منظوري ڏني،جنهن ڪي صوبائي اسيمبلي سنڌ جي قانون سازي ايڪٽ طور شايع ڪيو وڃي ٿو.

# اک-جراحي (پابندي) سنڌ ايڪٽ، ٢٠١٤

# سنڌ ايڪٽ نمبر XXII مجريہ ٢٠١٤

ايڪٽ جنهن ذريعي منظور ڪيل ڊاڪٽر (registered medical practitioners) ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ کي اک جي جراحيءَ کان روڪيو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ انهيءَ ڳالهہ جي تقاضا آهي تہ اک جي جراحي مجيل ڊاڪٽر (registered medical practitioners) ڪانسواءِ ٻيو ڪو نہ ڪري

ان لاءِ هن طرح ايڪٽ جوڙيو ٿو وڃي:-

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and Commencement.

1. (1) هن ايڪٽ کي اک- جراحي (پابندي) سنڌ ايڪٽ، ٢٠١٤ (The Sindh Eye Surgery (Restriction) Act, 2014) چيو ويندو.

(2) اهو سموري سنڌ صوبي ۾ لاڳو ٿيندو.

(3) هي ايڪٽ هڪدم لاڳو ٿيندو.

وصفون.
Definitions

2. (1) جيڪڏهن هن ايڪٽ جي نفس مضمون ۽ مقصدن جي منحرف نه آهن ته مڪيه وصفون هن ريت ٿينديون:

(الف) "مڪمل انڌائپ" (complete blindness) جو مطلب آهي ٻنهي اکين ۾ مڪمل طور تي روشنيءَ جو تصور نه هجڻ."

(ب) "اک-جراحي" (eye- surgery) جو مطلب آهي ڪنهن اوزار ذريعي اک جو آپريشن ڪيو وڃي.

(ت) "ڪجهه انڌائپ" (partial blinding) جو مطلب آهي ڪنهن به هڪ اک ۾ روشنيءَ جو تصور نه هجي، يا ٻنهي اکين ۾ روشنيءَ جو گهربل تصور موجود نه هجي، جنهنڪري چڱيءَ ريت ڏسڻ ۾ ڏکيائي ٿئي.

(ث) "مجيل ڊاڪٽر" ( registered medical practitioners) جو مطلب آهي، اهو ماڻهو جيڪو پاڪستان جي قاعدي قانون جي روشنيءَ ۾ انهيءَ منصب لاءِ اجازت رکندڙ هجي ۽ ڊاڪٽري ڪرڻ وارن جي وچور ۾ داخل هجي.

ڪن مخصوص ڪيسن ۾ اک- جراحي ڪرڻ لاءِ سزا
Punishment for Performing Eye Surgery in Certain Cases.

3. (1) ڪو به ماڻهو، جنهن جو ڊاڪٽري پيشو ڪندڙن (registered medical practitioners) طور اندراج ٿيل نه آهي، پر ٻئي جي اک جي جراحي ڪري ٿو، پوءِ ان ۾ مريض جي مرضي شامل هجي يا نه هجي، سو جيل موڪلڻ جي سزا جو حقدار آهي، جيڪا وڌيڪ

هڪ سال قيد تائين وڌائي سگهبي ۽ پنج لک رپين جو ڏنڊ وجهي سگهبو.

(2) ذيلي دفعہ (1) هيٺ قيد جو مدو هن ريت وڌائي سگهجي ٿو.

(i) جيڪڏهن جراحيءَ جي نتيجي ۾ ڪجهہ نابينائي ٿي آهي تہ ٽي سال قيد.

(ii) جيڪڏهن جراحيءَ جي نتيجي ۾ مڪمل نابينائي ٿي آهي تہ ست سال قيد.

غيرقانوني حڪمت ڪرڻ لاءِ سزا.
Punishment for unlawful Practice or holding out.

4. اهو ماڻهو جيڪو ڊاڪٽري (medical practitioner) ڪرڻ جي حيثيت ۾ اندراج (registered) ٿيل نہ آهي، پر پوءِ بہ ڊاڪٽري ڪري ٿو، جيڪو اهڙيءَ ريت ڊاڪٽر هجڻ جو بانور ڪرائي ٿو، سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ طرح ڊاڪٽري ڪري ٿو يا ڊاڪٽري ڪرڻ جي لاءِ تيار آهي تہ هن جي طرفان ڪيل اک جي جراحي ڇهن مهينن جي قيد جي سزا جوڳي آهي ۽ هن تي پنجاهہ هزار رپين جو ڏنڊ وجهي سگهجي ٿو.

ڏوهہ عدالت جي دائره اختيار ۾ هوندو.
Offence to be Cognizable.

5. اهو ڏوهہ دفعہ نمبر 3 يا 4 جي ذيلي دفعہ (1) هيٺ عدالتي دائره اختيار ۾ اچي ٿو ۽ ان تي (ايڪٽ نمبر V) مجريہ ١٨٩٨) ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر 1898 (Act V of 1898) هيٺ ڪارروائي ٿيندي.

ڏوهن جو مقدمو.
Trial of Offence.

6. ٻئي نہ مگر فرسٽ ڪلاس ماجسٽريٽ جي ڪورٽ هن ايڪٽ هيٺ سزا جوڳي انهيءَ ڪيس کي هلائيندي.

| | |
|---|---|
| 7. هن ايڪٽ جي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ حڪومت قاعدا جوڙي سگهي ٿي. | قاعدن ٺاهڻ جو اختيار.<br>Powers to make rules. |

**بحڪم**

**اسپيڪر**

**صوبائي اسيمبلي سنڌ.**

**جي-ايم-عمر فاروق**

**سيڪريٽري**

**صوبائي اسيمبلي سنڌ**

**نوٽ:- ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**